# حضرت ميان غلام نبي "پنيلڏو" رحمة الله عليه [219]

(1268_1304ھ/1852_1887ع)

حضرت پير ميان غلام نبي عرف پنيلڏي سائين رح جي سنڌن ولادت 9 ذيقعد 1268ھ مطابق 25 آگسٽ 1852ع [220] تي پنهنجي والد بزرگوار حضرت مخدوم محمد زمان رابع رحمة الله عليه جي انتقال کان فقط ٽي مهينا اڳ هالا ۾ ٿي. ميان غلام نبي عرف "پنيلڏي سائين" جو ننڍپڻ هالا ۾ گذريو پاڻ سيني ڀائرن ۾ ننڍا هئا. سنڌن تعليم و تربيت حضرت مخدوم محمد امين ثالث رحمة الله عليه جي نگراني هيٺ ٿي. حضرت مخدوم محمد امين ثالث رحمة الله عليه کانئن ٻارهن سال کن وڏا هئا ۽ سنڌن پرورش والد وانگر ڪيائون.

حضرت پير ميان غلام نبي جو ٻيو نالو "پنيلڏو" هئو جيڪو سنڌن پڙڏاڏي حضرت مخدوم ميان پنيلڏو بن حضرت مخدوم ميان عثمان عرف مٺن جي نسبت جي ڪري مٿن رکيو ويو هئو. قاضي عبدالحئي سليم هالائيءَ (1918_1992ع) [221] غلط فهميءَ سبب تذڪره شعراءِ هالا ص: 15 تي

---

[218] پاڻ سيپٽمبر 1913ع تي سجّاده نشين ٿيا. گنجينهٔ اسرار سروريه قلمي ص: 13.

[219] اهو نالو بعد ۾ سنڌن پوٽي، حضرت مخدوم ميان غلام محي الدين "ميرل" رحمة الله عليه جي فرزند تي رکيو ويو. اسين کين "چاچا پنيلڏو" سڏيندا هئاسين. سنڌن انتقال 19 فيبروري 1979ع تي 35 سالن جي عمر ۾ هالا ۾ ٿيو.

[220] مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ يادِ رفتگان، ص: 26. سروري خاندان جون علمي ادبي ۽ ديني خدمتون قلمي جي ص: 171 تي ڇاپايل سن 1855ع درست ناهي.

[221] ڏسو ضميمو 2.

Gul Hayat Institute

سندن نالو نبي بخش ڄاڻايو آهي. اصل ۾ نبي بخش، حضرت مخدوم محمد امين ثالث رحمة الله عليه جي ننڍي فرزند ۽ پير ميان پنيلڏي جي پاڻٽي جو نالو هئو. ميان "نبي بخش" جي ولادت ميان پنيلڏي جي حياتي ۾ سن 1297هه/1879ع ۾ هالا شريف ۾ ٿي، سندن مختصر احوال اڳتي ڏنل آهي.

"ميان پنيلڏي جو قد موزون، بدن پريل ۽ چهرو ڪتابي هئو. پاڻ شريف الطبع ۽ مٺيادار جوان هئا، منجهن خانداني رک رکاءُ ۽ ميناج ننڍي هوندي کان موجوده هئو. پاڻ عمر جو گهڻو حصو هالا ۾ رهيا البته سيرو سياحت شوق سان ڪندا هئا. هڪڙي پيري پاڻ سال ڏيڍ کان به گهڻو عرصو هالا کان ٻاهر، حيدرآباد دکن واري پاسي ڏي گهمڻ جي خيال کان اسريا هئا. سندن وڏي ڀاءُ حضرت مخدوم محمد امين "امين" رحمة الله عليه جو ساڻن بي انتها پيار هوندو هئو انهن سندن ياد ۾ "لولي" چئي، جيڪا بعد ۾ بيحد مشهور ٿي ۽ ڪيترو وقت عام ماڻهن کي برزبان ياد هوندي هئي.[222]

"آءُ وري آءُ وري آءُ وري سڄڻ تو نه سري،
دک ماري دردن جي آءُ وري"

حضرت ميان پنيلڏي "پنيل" رح جي شادي، حيدرآباد دکن ۾ رهندڙ هالا جي "سانڏن" مان ٿي. روايت آهي ته هالا شريف ۾ رهندڙ سانڏ قومَ جي ڪجھ ماڻهن روزگار جي سانگي لڏي وڃي حيدرآباد دکن ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪئي ۽ دکن جي نظام جي فوج ۾ ڀرتي ٿيا. ميان پنليڏو سيرو سياحت جي خيال سان گهمندا حيدرآباد دکن پُهتا ۽ انهن سانڏن مان شادي ڪيائون.[223] "سندن سُهري کي لشڪري ميان سڏيندا هئا".[224]

ميان پنيلڏي سائين جي شادي، مير محبوب علي خان آصف جاهه ڇهين جي دورِ حڪومت ۾ سن 1881/1882ع ڌاري حيدرآباد دکن ۾ ٿي[225]

---

[222] حضرت قبله حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين رح جن اها يادگار ڳالهه 21_ سيپٽمبر 1992ع تي سندن وڏي بنگلي تي مون کي ٻڌائي هئي.

[223] راوي حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين رح.

[224] راوي آخوند محمد هاشم ڏسو ضميمو 3 ۽ 4.

[225] مير محبوب علي خان (1866_1911ع) 1869ع ۾ دکن جو نظام ٿيو. ڏسو The Last

